SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر LVII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LVII OF 1984

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE MEHRAN UNIVERSITY OF ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعه 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Sindh Act VI of 1977

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعه 45 جي ترميم

Amendment of section 45 of Sindh Act VI of 1977

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 50 جي ترميم

Amendment of section 50 of Sindh Act VI of 1977

سنڌ آرڊيننس نمبر LVII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.LVII OF 1984

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE MEHRAN UNIVERSITY OF ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977ع ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977ع ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977ع ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽

پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1977 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Sindh Act VI of 1977

2. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ ۾ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 36 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو.

"بشرطيڪ جيستائين درخواست گذار يا مدعي، جيئن ۽ معاملو هجي، انهن کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ٿو ڪيو وڃي، اپيل يا نظرثاني جي سلسلي ۾ ڪو ۽ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو."

1977 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 45 جي ترميم

Amendment of section 45 of Sindh Act VI of

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 45 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ جيستائين درخواست ڪندڙ کي ٻڌڻ جو هڪ موقعو فراهم نٿو ڪيو وڃي، اپيل جي سلسلي ۾ ڪو حڪم جاري نہ ڪيو ويندو."

1977

4. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 50 ۾ لفظ "ڪيل" ۽ لفظ "هيڻان" وچ ۾ لفظ "سڀي نيت سان" شامل ڪيا ويندا.

1977 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 50 جي ترميم

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.

Amendment of section 50 of Sindh Act VI of 1977